"شروع ٿيو اجوف"

تعليل: قَالَ ۽ بَاعَ اصل ۾ قَوَلَ ۽ بَيَعَ هيا. "واو" ۽ "يا" متحرڪ ماقبل مفتوح "واو" ۽ "يا" کي "الف" سان بدلائي قَالَ ۽ بَاعَ ڪري پڙهبو.

فائدو: شرط ٻه قسم آهي.

(1) وجودي (2) عدمي

(1)**شرط وجودي:** انکي چئبو آهي جنهن جو لڀڻ ضروري هجي.

(2)**شرط عدمي:** انکي چئبو آهي جنهن جو نه لڀڻ ضروري هجي.

فائدو: فِعْل ٻه قسم آهي.

(1) مُتَصَرِّفُ (2) غَيْر مُتَصَرِّفُ

(1) مُتَصَرِّفُ: انکي چئبو آهي جنهن جو تثنيه ۽ جمع ٿئي. جيئن: ضَرَبَ

(2) غَيْر مُتَصَرِّفُ: انکي چئبو آهي جنهن جو تثنيه ۽ جمع نه ٿئي.

جيئن: ضَرُبَ (فِعْلُ التَّعَجُبِ)

قانون ''قَالَ ۽ بَاعَ'' جو

هن جو حڪم آهي ته "واو" ۽ "يا" کي "الف" سان بدلائڻ واجب.

هن جي لاءِ 18 شرط آهن. 4 وجودي. 14 عدمي.

وجودي شرط:

❶..... "واو" ۽ "يا" متحرڪ هجن، جيڪڏهن نه هوندا ته قانون جو حڪم جاري نه ٿيندو. جيئن: قُوْلٌ ۽ بَيْعٌ

❷..... "واو" ۽ "يا"جي حرڪت لازمي هجي، جيڪڏهن نه هوندي ته قانون جو حڪم جاري نه ٿيندو. جيئن: لَوِاسْتَطَعْنَا جيڪو اصل ۾ لَوْ اِسْتَطَعْنَا هيو، پوءِ جڏهن ساڪن تي حرڪت ڏبي ته (اِذَا حُرِّكَ السَاكِنُ حُرِّكَ بِالْكَسْرَةِ) جي تحت حرڪت ڪسره جي ڏئي لَوِاسْتَطَعْنَا ڪري پڙهبو.

3..... ”واو“ ۽ ”يا“ جو ماقبل مفتوح هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: قُوِلَ ۽ بُيِعَ

4..... اهو ماقبل مفتوح انهيءَ ڪلمي جو هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: سَيَقُوْلُ ۽ فَوَعَدَ.

عدمی شرط:

1..... ”واو“ ۽ ”يا“ ”فا“ ڪلمي جي مقابلي ۾ نہ هجي، جيڪڏهن هوندي تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: تَوَعَّدَ ۽ تَيَسَّرَ

2..... ”واو“ ۽ ”يا“ ناقص جي حقيقي ”عين“ ڪلمي ۾ نہ هجي، جيڪڏهن هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قَوِيَ

3..... ”واو“ ۽ ”يا“ ناقص جي حڪمي ”عين“ ڪلمي ۾ نہ هجي، جيڪڏهن هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: اِرْعَوَوَ بروزن اِفْعَلَلَ. جهڙي طرح ”عين“ ڪلمي کانپوءِ ”لام“ ڪلمو آهي اهڙي طرح پهرين ”لام“ ڪلمي کانپوءِ ٻيو ”لام“ ڪلمو آهي پوءِ پهرين ”لام“ کي ”عين“ ڪلمي جو حڪم ڏنو ويو آهي.

4..... ”واو“ ۽ ”يا“ ”عين“ ڪلمي ۾ حرف صحيح کان بدليل نہ هجن، جيڪڏهن هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: شَيَرَةٌ جو اصل ۾ شَجَرَةٌ هيو.

فائدو: جيڪڏهن ”لام“ ڪلمي ۾ حرف صحيح کان بدليل هوندا تہ قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: دَسَّاهَا جو اصل ۾ دَسَّسَهَا هيو.

5..... ”واو“ ۽ ”يا“ ملحق جي ”عين“ ڪلمي ۾ نہ هجن، جيڪڏهن هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: قَوَلْوَلٌ. طَرَبُوْسٌ جي وزن تي انکي آندو ويو آهي.

6..... "واو" ۽ "يا" فِعل غَيرَ مُتَصَرِّفُ ۾ نہ هجن، جيڪڏهن هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: قَوُلَ ۽ بَيُعَ

7..... "واو" ۽ "يا" کانپوءِ "مده زائده" لازمي نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: طَوِيْلٌ ۽ غَيُوْرٌ

8..... "واو" ۽ "يا" کانپوءِ "الف" تثنيہ جو نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: دَعَوَا ۽ رَمَيَا

9..... "واو" ۽ "يا" کانپوءِ "الف" جمع مؤنث سالم جو نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: عَصَوَاتٌ ۽ رَحَيَاتٌ.

10..... "واو" ۽ "يا" کانپوءِ "يا" نسبت جي نہ هجي، جيڪڏهن هوندي تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: عَصَوِيٌّ ۽ يَدَيِيٌّ.

11..... "واو" ۽ "يا" کانپوءِ "نون" تاڪيد ثقيلہ ۽ خفيفہ جو نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: اِخْشَيَنَّ ۽ اِخْشَيَنْ.

12..... اهو ڪلمو فَعَلَانٌ جي وزن تي نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: حَيَوَانٌ ۽ مَوَتَانٌ.

13..... اهو ڪلمو فُعَلِيٰ جي وزن تي نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: صُوَرَيٰ ۽ حُيَدىٰ

14..... "واو" ۽ "يا" وارو ڪلمو اهڙي ڪلمي جي معنيٰ ۾ نہ هجي جنهن ۾ تعليل ٿيندي نہ هجي. جيڪڏهن ٿيندي هوندي تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: عَوِرَ ۽ عَيِنَ جيڪي اِعْوَرَّ ۽ اِعْيَنَّ جي معنيٰ ۾ آهن.

جتي اهو سيئي شرط لبندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: قَوَلَ ۽ بَيَعَ "واو" ۽ "يا" کي "الف" سان مٽائي قَالَ ۽ بَاعَ ڪري پڙهبو.

تعليل: قُلْنَ اصل ۾ قَوُلْنَ هيو. "واو" متحرڪ ماقبل مفتوح "واو" کي "الف" ساڻ بدلائبو ته التقآءِ ساڪنين ٿي پوندو "الف" ۽ "لام" جي وچ ۾. پهريون مدو آهي انڪي حذف ڪبو ته قَلْنَ ٿي پوندو. "فا" ڪلمه جي فتح کي ضمه سان بدلائبو جيئن ته "واو" جي حذفيت تي ڏس ڏئي، تان ته قُلْنَ ٿي پيو.

التقآء ساڪنين جا قسم

فائدو: التقآءِ ساڪنين ٻه قسم آهي:

(1) التقآءِ ساڪنين عليٰ حدهٖ (2) التقآءِ ساڪنين عليٰ غير حدهٖ

(1) **التقآءِ ساڪنين عليٰ حدهٖ:** انڪي چئبو آهي جو ان ۾ ٽي شرط لڀن.

❶..... پهريون ساڪن "مده" يا "يا" تصغير جي هجي.

❷..... ٻيو ساڪن مدغم هجي.

❸..... وحدت ڪلمي جي هجي.

❹..... التقآءِ ساڪنين عليٰ غير حده انڪي چئبو جو ان ۾ اهي ٽي شرط نه لڀن.

ان جون سڀ ست صورتون ڏيندءون.

صورت	مثال	
1. پهريون شرط نه لڀي	جيئن	يَخِصِّمُوْنَ
2. ٻيو شرط نه لڀي	جيئن	قُلْنَ
3. ٽيون شرط نه لڀي	جيئن	اِضْرِبُنَّ
4. پهريون ۽ ٻيو شرط نه لڀي	جيئن	مُدَّ
5. ٻيو ۽ ٽيون شرط نه لڀي	جيئن	اِضْرِبُوْا الْقَوْمَ
6. پهريون ۽ ٽيون شرط نه لڀي	جيئن	اِخْشَيَنَّ
7. ٽئين شرط نه لڀن	جيئن	قُلِ الْحَقُّ

فائدو: التقاءِ ساڪنين عليٰ حدہٖ بہ قسم آهي:

(1) وقفي (2) غير وقفي

(1) **وقفي:** انکي چئبو آهي جنهن ۾ ٻي شرط لپن ۽ ان تي وقف ڪجي. جيئن: دَوَابٌّ.

(2) **غير وقفي:** انکي چئبو آهي جنهن ۾ ٻي شرط لپن ۽ ان تي وقف نہ ڪجي.

جيئن: دَوَابُّ

التقاءِ ساڪنين عليٰ غير حدہٖ بہ قسم آهي:

(1) وقفي (2) غير وقفي

(1) **وقفي:** انکي چئبو آهي جنهن ۾ پهريون ساڪن موجود هجي ۽ ٻيو ساڪن وقف جي ڪري پيدا ٿئي. جيئن: نَسۡتَعِيۡن.

(2) **غير وقفي:** انکي چئبو آهي جو پهريان ئي ٻئي ساڪن موجود هجن ۽ ڪوبہ ساڪن وقف جي ڪري پيدا نہ ٿئي. جيئن: يَخِصِّمُوۡنَ

قانون "التقاءِ ساڪنين" جو

هن جي لاءِ چار حڪم آهن:

حڪم(1): ٻنهي ساڪنن کي گڏ پڙهڻ واجب.

هن جي لاءِ بہ شرط آهن ڪامل:

❶..... التقاءِ ساڪنين عليٰ حدہٖ هجي تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو مُطۡلَق.

مُطۡلَق جو مقصد آهي تہ "وقفي" هجي يا "غير وقفي" هجي.

جيئن: دَوَابٌّ ۽ دَوَابُّ

❷..... التقاءِ ساڪنين عليٰ غير حدہٖ "وقفي" هجي تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: نَسۡتَعِيۡنُ.

حڪم(2): ٻن ساڪنن مان پهرين کي حذف ڪرڻ واجب.

هن جي لاءِ بہ شرط آهن ناقص:

❶..... التقاءِ ساڪنين عليٰ غير حدهٖ غير وقفي هجي، نه هوندي ته قانون جو حڪم جاري نه ڪبو. جيئن: نَسْتَعِيْنُ.

❷..... پهريون ساڪن "مدو" يا "نون" خفيفه جو هجي، جيڪڏهن نه هوندو ته قانون جو حڪم جاري نه ڪبو. جيئن: يَخِصِّمُوْنَ.

جتي اهي ٻئي شرط لڀندا ته اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: اِضْرِبُوْا الْقَوْمَ جو اصل ۾ اِضْرِبُوْا الْقَوْمَ هيو.

نون خفيفه جو مثال: جيئن لَاتُهِيْنَنْ الْفَقِيْرَ ان ۾ نون خفيفه کي حذف ڪري لَاتُهِيْنَ الْفَقِيْرَ ڪري پڙهبو.

ڪن صرفين جو 3 جاين ۾ اختلاف آهي.

(1) بَابُ الْاِفْعَالِ جي مصدر ۾

(2) بَابُ الْاِسْتِفْعَالِ جي مصدر ۾

(3) اسم مفعول ۾. جيئن: اِقْوَامٌ، اِسْتِقْوَامٌ ۽ مَقْوُوْلٌ

"واو" مفتوح ماقبل ۾ حرف صحيح ساڪن "واو" جي حرڪت نقل ڪري ماقبل کي ڏيئي "واو" کي "الف" سان بدلائبو ته التقآءِ ساڪنين ٿي پوندو. هاڻي ڪي صرفي چون ٿا ته پهرين کي حذف ڪبو ڇاڪاڻ ته پويون باب جي نشاني آهي ۽ وزن ٿي پوندو. اِفَالٌ ۽ اِسْتِفَالٌ. ڪي چون ٿا ته پوئين کي حذف ڪبو ڇاڪاڻ ته پهريون اصلي آهي ۽ پويون زائده آهي ۽ زائده وڌيڪ حقدار آهي حذف ڪرڻ جو ته وزن ٿي پوندو اِفْعَلٌ ۽ اِسْتِفْعَلٌ مَقْوُوْلٌ

"واو" تي ضمه ڳورو ٿيو، انکي نقل ڪري ماقبل کي ڏبو ته التقآءِ ساڪنين ٿي پوندو. هاڻي ڪن جو خيال آهي ته پهرين کي حذف ڪبو ۽ وزن ٿي پوندو مَفُوْلٌ ۽ ڪن جو خيال آهي ته پوئين کي حذف ڪبو ڇاڪاڻ ته پهريون اصل آهي ۽ ٻيون زائده

آهي ۽ وزن تي پوندو مَفْعَلٌ.

حڪم (3): ٻن ساڪنن مان ڪو ساڪن ڪلمي جي پڇاڙي ۾ اچي ته انکي حرڪت ڏيڻ واجب ٿيندي چاهي "پهريون" ساڪن اچي يا "ٻيون".

هن جي لاءِ ٽي شرط آهن ناقص:

❶..... التقآءِ ساڪنين عليٰ غير حدہٖ غير وقفي هجي، نہ هوندي تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: نَسْتَعِيْن

❷..... اول ساڪن "مده" يا "نون" خفيفہ جو نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: اِضْرِبُوْا الْقَوْمَ

❸..... ٻنهي ساڪنن مان ڪو بہ ساڪن ڪلمي جي پڇاڙي ۾ هجي. جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: يَخِصِّمُوْنَ.

جتي اهي سڀئي شرط لڀندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ٿيندو. جيئن: قُلِ الْحَقُّ، مِنَ اللّٰهِ، دَعَوُاللّٰہ

"ڪسرو" انڪري جو جڏهن بہ ساڪن کي حرڪت ڏجي تہ حرڪت ڪسره جي ڏجي.

"فتح" انهيءَ ڪري جو اها اَخَفُّ الْحَرَڪَاتِ آهي.

"ضمہ" انهيءَ ڪري جو "واو" جي حذفيت تي ڏس ڏئي.

حڪم (4): ٻن ساڪنن مان پهرين کي حرڪت ڪسره جي ڏيڻ واجب.

هن جي لاءِ ٽي شرط آهن ناقص:

❶..... التقآءِ ساڪنين عليٰ غير حدہٖ غير وقفي هجي جيڪڏهن نہ هوندي تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: نَسْتَعِيْن

❷..... اول ساڪن مدو يانون خفيفہ جو نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: اِضْرِبُوْا الْقَوْمَ

3..... ٻئي ساڪن ڪلمي جي وچ ۾ هجن، جيڪڏهن نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: نَسْتَعِيْنُ.

جتي اهي سيئي شرط لڀندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: يَخِصِّمُوْنَ.

"تا"کي "صاد" ڪري "صاد"کي "صاد" ۾ ادغام ڪبو تہ التقآءِ ساڪنين ٿي پوندو "خا" ۽ "صاد" جي وچ ۾ پهرين ساڪن کي حرڪت ڪسره جي ڏيئي يَخِصِّمُوْنَ ڪري پڙهبو.

قانون "قُلْنَ" جو

هن جو حڪم آهي تہ ماضي معلوم ۾ "فا" ڪلمہ کي حرڪت ضمہ جي ڏيڻ واجب.

هن جي لاءِ 8 شرط آهن ناقص:

1..... "واو" غير مڪسور هجي، نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: خَوِفَ

2..... "واو" ماضي ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: يَخْوَفُ

3..... "واو" معلوم ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: دُعِوَ

4..... "واو" ثلاثي مجرد ۾ هجي، نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: اِجْتَوَبَ

5..... "واو" اجوف ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: دَعَوَ

6..... اها "واو" الف ساڻ مٽجي ۽ اگر نہ مٽي تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو.جيئن: اَسْوَدَ جو اصل ۾ سَوَدَ آهي.

7..... ”الف“ ساڻ بدليل ”واو“ ڪري پوي، جيڪڏهن نہ ڪرندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قَالَا ، قَالُوْا.

8..... مضارع معلوم ان”واو“ جو مڪسورالعين نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: طَوَعَ يَطْوِعُ.

جتي اهي سڀئي شرط لبندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: قَوَلْنَ.

”واو“ متحرڪ ماقبل مفتوح ”واو“ کي ”الف“ ساڻ بدلائبو تہ التقآءِ ساڪنين ٿي پوندو. پهريون مدو آهي انکي حذف ڪري ”فا“ ڪلمي کي ضمہ ساڻ بدلايوسين تہ قَلْنَ کان قُلْنَ ٿي پيو.

تعليل: خِفْنَ اصل ۾ خَوِفْنَ هيو. ”واو“ متحرڪ ماقبل مفتوح ، ”واو“ کي ”الف“ ساڻ مٽائبو، تہ التقآءِ ساڪنين ٿي پوندو ”الف“ ۽ ”فا“ جي وچ ۾ پهريون مدو آهي انکي حذف ڪبو تہ خَفْنَ ٿي پوندو. ”فا“ ڪلمي جي فتح کي ڪسره ساڻ بدلائبو، تانجو ماضي جي مڪسورالعين هجڻ تي ڏس ڏئي تانجو خِفْنَ ٿيو.

قانون ”خِفْنَ“ جو

هن جو حڪم آهي تہ ماضي معلوم ۾ ”فا“ ڪلمي کي حرڪت ”ڪسره“ جي ڏيڻ واجب.

هن جي لاءِ ست شرط آهن ناقص:

1..... ”واو“ مڪسور هجي يا ”يا“ مُطْلَق. مُطْلَق جو مطلب آهي تہ مفتوح، مڪسور يا مضموم هجي ۽ يا ماضي ۾ ”واو“ مُطْلَق. مُطْلَق جو مطلب آهي تہ مضارع ۾ هوندو پوءِ بہ قانون ماضي ۾ جاري ڪبو. جيئن: قَوَلْنَ.

2..... ماضي ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: يَبِيْعُ.

3..... معلوم ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو.

جيئن: قُوِلَ ، بُيِعَ.

4..... ثلاثي مجرد ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: اِخْتَيَرَ

5..... اجوف ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو.

جيئن: رَمَيَ.

6..... اهي "الف" ٿيندا هجن اگر نہ ٿيندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: اِعْوَرَّ، اِعْيَنَّ. جو اصل ۾ عَوِرَ ۽ عَيِنَ جي معنيٰ ۾ آهن.

7..... "الف" ٿي ڪري، ڪري پون نہ ڪرندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: خَافَا، بَاعَا.

جتي اهي سيئي شرط لبندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: خَوِفْنَ، هَيُئْنَ، بَيَعْنَ، طَيِبْنَ.

"واو" ۽ "يا" کي "الف" ساڻ بدلائبو، تہ التقآءِ ساڪنين ٿي پوندو. پهريون مده آهي انکي حذف ڪري "فا" ڪلمي جي فتح کي ڪسره ساڻ بدلائي خِفْنَ، هِئْنَ، بِعْنَ، طِبْنَ ڪري پڙهبو.

تعليل: قِيْلَ اصل ۾ قُوِلَ هئو. ڪسره "واو" تي ڳورو ٿيو انکي نقل ڪري ماقبل کي ڏنائون تہ قِوْلَ ٿيو. "واو" ساڪن مظهر ماقبل مڪسوره انکي يا ساڻ بدلائي قِيْلَ ڪري پڙهبو.

هن قانون کان پهرين 10 فائدا آهن:

فائدو (1):

متوسط بہ قسم آهي. **(1)**حقيقي **(2)**حڪمي.

(1) **حقيقي:** انکي چئبو آھي "واو" ۽ "يا" "عين" ڪلمي جي مقابلي ۾ ھجي.

جيئن: قَوَلَ، بَيَعَ.

(2) **حڪمي:** انکي چئبو آھي جو "واو" ۽ "يا" "لام" ڪلمي جي مقابلي ۾ ھجن ۽ ضمير فاعل جو يا علامت فاعل جي ھجن. جيئن: دَاعِوُوْنَ، رَامِيُوْنَ، يَدْعُوُوْنَ، يَرْمِيُوْنَ.

فائدو (2):

متعلقات فعل ڇا کي چئجي ٿو.

اسم فاعل، اسم مفعول، صف مشبہ، صيغہ مبالغہ، اسم تفضيل ۽ اسم ظرف کي متعلقات فعل چئبو آھي.

فائدو (3):

فعل بہ قسم آھي. (1) فعل (2)شبہ فعل.

(1) **فعل:** فعل اصلي ٿي آھن. ماضي، مضارع ۽ فعل امر

(2) **شبہ فعل:** انکان علاوہ سيئي شبہ فعل آھن.

فائدو (4):

فُعِلَ بہ قسم آھي. (1) حقيقي (2)حڪمي

(1) **فُعِلَ حقيقي:** انکي چئبو آھي جو فُعِلَ جي وزن تي ھجي. جيئن: قُوِلَ ، بُيِعَ

(2) **فُعِلَ حڪمي:** انکي چئبو آھي جو فُعِلَ جي وزن تي نہ ھجي مگر انجي اڳيان ۽ پويان کان ڪجھ الفاظ حذف ڪري انکي فُعِلَ جي وزن تي آندو وڃي.

مثال: جيئن تُوبِ ۽ تُيِرَ جو اصل ۾ اُجْتُوِبَ ۽ اُخْتُيِرَ ھيا. "الف" ۽ "جيم" ۽ "الف" ۽ "خا" کي حذف ڪري انکي فُعِلَ جي وزن تي آندو ويو آھي. باقي جيڪڏھن وچ کان ڪجھ الفاظ ڪٽي ڪري انکي فُعِلَ جي وزن تي آندو وڃي تہ انکي فُعِلَ حڪمي نہ چئبو. جيئن اُقْوِمُ "قاف" کي حذف ڪبو تہ اُوِمُ ٿي پوندو. اھو فُعِلَ حڪمي نہ آھي.

فائدو (5):

تَفۡعُلِيۡنَ ۽ تَفۡعِلِيۡنَ نَاقِص ڇا کي چئجي ٿو.

تَفۡعُلِيۡنَ ۽ تَفۡعِلِيۡنَ نَاقِص انکي چئبو آهي جو **تَفۡعُلِيۡنَ ۽ تَفۡعِلِيۡنَ** جي وزن تي هجي ۽ ناقص ۾ هجي. جيئن: تَدۡعُوِيۡنَ ۽ تَرۡمِيِيۡنَ.

فائدو (6):

اِشۡمَامُ ڇا کي چئجي ٿو.

اِشۡمَامُ جي لفظي معنيٰ آهي "بوءِ ڏيڻ" ۽ اصطلاح ۾ "واو" کي "يا"ڏانهن، ماقبل جي ڪسره کي ضمہ ڏانهن يا انجي ابتڙ "يا" کي "واو" ڏانهن يا ماقبل جي ضمہ کي ڪسره ڏانهن لاڙو ڏجي.جيئن: قِيۡلَ

فائدو (7):

متعارف بہ قسم آهي. **(1)** متعارف **(2)** غير متعارف

(1) متعارف: انکي چئبو آهي جو تعليل ڪانپوءِ فُعِلَ جي وزن تي هجي مثال: جيئن اَدُوۡرٌ مان اَدۡوُرٌ ۽ اَقُوۡلُ مان اَقۡوُلُ

(2) غير متعارف: انکي چئبو آهي. جو تعليل ڪانپوءِ بہ فُعِلَ جي وزن تي نہ اچي مثال: جيئن عَلِمَ مان عَلۡمَ.

فائدو (8):

فعل بہ قسم آهي: **(1)** متصرف **(2)** غير متصرف.

(1) متصرف: انکي چئبو آهي جنهن جي پويان ضمير فاعل جو اچي يا جنهن جو تثنيہ ۽ جمع نهي. جيئن: دَعَوَا.

(2) غير متصرف: انکي چئبو آهي جنهن جو پويان ضمير فاعل جو نہ اچي يا جنهن جو تثنيہ ۽ جمع نہ نهي. جيئن: قَوُلَ.

فائدو (9):

ماضي مجهول ۾ همزه وصلي ثلاثي مزيدفيہ ۾ ٽئين ڪلمي جي تابع هوندو آهي.

جيئن: اُجْتُوِب.

فائدو (10):

حروف زوآئد مشترڪ ڇا کي چئجي ٿو.

حرف زوآئد مشترڪ، حروف ”اتين“ کي چئبو آهي.

قانون ”يَقُوْلُ ۽ يَبِيْعُ“ جو

هن جي لاءِ ڇهہ حڪم آهن:

(1): ”واو“ ۽ ”يا“ جي ڪسره کي حذف ڪرڻ جائز.

(2): ”واو“ ۽ ”يا“ جي ڪسره کي نقل ڪري ماقبل کي ڏيڻ جائز.

(3): اِشْمَامُ پڙهڻ جائز.

(4): ”واو“ ۽ ”يا“ جي ڪسره کي حذف ڪرڻ جائز.

(5): ”يا“ جي ضمہ کي نقل ڪري ماقبل کي ڏيڻ جائز ۽ ضمہ کي ڪسره ساڻ مٽائڻ واجب.

(6): حڪم. ”واو“ ۽ ”يا“ جي ڪسره کي نقل ڪري ماقبل کي ڏيڻ جائز ۽ ثابت بہ رکڻ جائز (يعني نقل نہ ڪجي)

پهرين حڪم جي لاءِ 13 شرط آهن ناقص:

❶..... ”واو“ ۽ ”يا“ مڪسور يا مضموم هجي، جيڪڏهن نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قَوَلَ ۽ بَيَعَ.

❷..... متوسط حقيقي يا حڪمي ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: يَدْعُوُ ۽ يَرْمِيُ

❸..... فعل متصرف ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ

ڪبو. جيئن: اِقْوِلْ ۽ اَبْيِعْ ۽

4..... اصل ۾ سلامت نہ هجي، جيڪڏهن هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: يَعْوِرُ ۽ يَعْيِنُ

5..... اجوف جي فُعِلَ حقيقي ۾ نہ هجي، جيڪڏهن هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: قُوِلَ ۽ بُيِعَ

6..... اجوف جي فُعِلَ حڪمي ۾ نہ هجي، جيڪڏهن هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: اُجْتُوِبَ ۽ اُخْتُيِرَ

7..... تَفْعُلِيْنَ ۽ تَفْعِلِيْنَ نَاقص ۾ نہ هجي، جيڪڏهن هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: تَدْعُوِيْنَ ۽ تَرْمِيِيْنَ

8..... اجوف يائي جي اسم مفعول ۾ نہ هجي، جيڪڏهن هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: مَبْيُوْعٌ.

9..... "واو" ۽ "يا" همزه کان بدليل نہ هجي، جيڪڏهن هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: سُوِلَ، مُسْتَهْزِيُوْنَ.

10..... ماقبل انجو مفتوح نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: طَوِيْلٌ، غَيُوْرٌ

11..... انهن جو ضمہ ۽ ڪسره همزه کان نقل ٿيل نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: يَسُوُ ۽ يَجِيِ جو اصل ۾ يَسُوْءُ ۽ يَجِيْئُ هيا.

12..... انهن کان پهريان "الف" نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو.جيئن: قَاوِلَ، بَايِعَ.

13..... دو شرط شِبہ فعل ۾ نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري

نہ ڪبو. جيئن اَدْوُرٌ، اَعْيُنٌ.

جتي سيئي شرط لبندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: يَقْوُلُ ۽ يَبْيِعُ.

”واو“ ۽ ”يا“ جي ضمہ ۽ ڪسره کي نقل ڪري ماقبل کي ڏئي، يَقُوْلُ ۽ يَبِيْعُ ڪري پڙهبو.

ٻئي حڪم جي لاءِ پنج شرط آهن ناقص:

1..... ”واو“ ۽ ”يا“ مڪسور هجن، جيڪڏهن نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: قَوَلَ ۽ بَيَعَ

2..... متوسط حقيقي ۾ هجن، جيڪڏهن نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: تَدْعُوِيْنَ

3..... فعل متصرف ۾ هجن، جيڪڏهن نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: اِقْوِلْ بِہٖ اَبْيِعْ بِہٖ

4..... اصل ۾ سلامت نہ هجن، جيڪڏهن هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: يَعْوِرُ ۽ يَعْيِنُ

5..... فعل حڪمي يا حقيقي ۾ هجن، جيڪڏهن نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: يَبْيِعُ ۽ يَطْوِحُ.

جتي اهي سيئي شرط لبنداتہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: قُوِلَ ۽ بُيِعَ ۽ اُجْتُوِبَ ۽ اُخْتُيِرَ

”واو“ ۽ ”يا“ جي ڪسره کي نقل ڪري ماقبل کي ڏيئي قِيْلَ، بِيْعَ، اِجْتِيْبَ ۽ اِخْتِيْرَ ڪري پڙهبو.

ٽئين حڪم جي لاءِ ساڳيائي ٻئي حڪم وارا پنج شرط آهن ناقص.

جتي اهي سيئي شرط لبندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ٿيندو. جيئن: قُوِلَ،

بُيِعَ ، أُجْتُوِبَ ۽ أُخْتُيِرَ

"واو" کي "يا" ڏي "يا" کي "واو"ڏي، ماقبل جي "ڪسره" کي "ضمہ" ڏئي، "ضمہ" کي "ڪسره" ڏي لاڙو ڏيئي، قِيْلَ، بِيْعَ، اِخْتِيْرَ ۽ اِجْتِيْبَ ڪري پڙهبو.

چوٿين حڪم جي لاءِ بہ ساڳيا ٻئي ۽ ٽئين حڪم وارا پنج شرط آهن ناقص.

جتي اهي سيئي ليندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: قُوِلَ، بُيِعَ، أُجْتُوِبَ ۽ أُخْتُيِرَ

"واو" ۽ "يا" جي ڪسره کي حذف ڪري، قُوْلَ، بُوْعَ، أُجْتُوْبَ ۽ أُخْتُوْرَ ڪري پڙهبو.

حڪم 5: هن جي لاءِ بہ پنج شرط آهن ناقص:

❶..... "يا" مضموم هجي، جيڪڏهن نہ هوندي تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: بَيَعَ

❷..... متوسط حقيقي ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندي تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: رَامِيُوْنَ.

❸..... متعلقات ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندي تہ قانون جو حُڪم جاري نہ ٿيندو.جيئن: هَيُئُنَ.

❹..... اصل ۾ سلامت نہ هجي، جيڪڏهن هوندي تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: مَعْيُوْنٌ

❺..... اجوف يائي جي اسم مفعول ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندي تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: غَيُوْرٌ.

جتي اهي سيئي شرط ليندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ٿيندو. جيئن: مَبْيُوْعٌ

"يا"جي ضمہ کي نقل ڪري مابعد کي ڏينداسين پوءِ ضمہ کي ڪسره سان بدلائبو تہ التقآءِ ساڪنين ٿي پوندي پهريون مدو آهي انکي حذف ڪنداسين تہ مَبِوْعٌ ٿي

پوندو، "واو" ساڪن مظهر ماقبل مڪسور "واو"کي "يا" ساڻ بدلائبي مَبِيْعٌ ڪري پڙهبو.

چهين حڪم جي لاءِ پنج شرط آهن ناقص:

1..... "واو" ۽ "يا" مڪسور هجن، نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قَوَلَ ۽ بَيَعَ

2..... متوسط حڪمي ۾ هجن، جيڪڏهن نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قُوِلَ ۽ بُيِعَ

3..... فعل متصرف ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: اَقْوِلْ بِہٖ ۽ اَبْيِعْ بِہٖ

4..... فُعِلَ حقيقي يا حڪمي ۾ نہ هجي، جيڪڏهن هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قُوِلَ، بُيِعَ، اُجْتُوِبَ ۽ اُخْتُيِرَ.

5..... تَفْعُلِيْنَ ناقص ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: تُدْعَوِيْنَ ۽ تُكْنَيِيْنَ.

جتي اهي سيئي شرط لبندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: تَدْعُوِيْنَ ۽ تَكْنُيِيْنَ

"واو" ۽ "يا"جي ڪسره کي نقل ڪري ماقبل کي ڏينداسين. "واو" ساڪن مظهر ماقبل مڪسوره "واو"کي "يا"ساڻ بد لائبو تہ "التقآءِ ساڪنين" ٿي پوندو. پهريون مدو آهي انکي حذف ڪري تَدْعِيْنَ ۽ تَكْنِيْنَ ڪري پڙهبو. نوٽ: "يا" وري ثابت رکڻ بہ جائز آهي.

تعليل: يَقُوْلُ ۽ يَبِيْعُ اصل ۾ يَقْوُلُ ۽ يَبْيِعُ هيا. "ضمہ" ۽ "ڪسره"، "واو" ۽ "يا" تي ڳورا ٿيا، نقل ڪري مابعد کي ڏنئي، يَقُوْلُ ۽ يَبِيْعُ ڪري پڙهبو.

تعليل: يُقَالُ اصل ۾ يُقْوَلُ هيو. ”واو“ مفتوح، ماقبل ۾ حرف صحيح ساڪن، فتح کي نقل ڪري ماقبل کي ڏيئي ”واو“ کي ”الف“ سان بدلائي يُقَالُ ڪري پڙهبو.

قانون ”يُقَالُ ۽ يُبَاعُ“ جو

هن جو حڪم آهي ته ”واو“ ۽ ”يا“جي فتح کي نقل ڪري ماقبل کي ڏيئي انهن کي ”الف“ سان بدلائڻ واجب.

هن جي لاءِ ٻارنهن شرط آهن ناقص:

1..... ”واو“ ۽ ”يا“ متوسط حقيقي ۾ هجن، جيڪڏهن نه هوندا ته قانون جو حڪم جاري نه ٿيندو. جيئن: يُدْعَوُ ۽ يُرْمَيُ.

2..... ”واو“ ۽ ”يا“ جو ماقبل مفتوح هجي، جيڪڏهن نه هوندو ته قانون جو حڪم جاري نه ٿيندو. جيئن: يَقْوَلُ ۽ يَبِيَعُ.

3..... فعل متصرف يا متعلقات ۾ هجن، جيڪڏهن نه هوندا ته قانون جو حڪم جاري نه ٿيندو. جيئن: مَااَقْوَلُ ۽ مَااَبْيَعُ.

4..... ”واو“ ۽ ”يا“ اصل ۾ سلامت نه هجن، جيڪڏهن هوندا ته قانون جو حڪم جاري نه ٿيندو. جيئن: يُعْوَرُ ۽ يُعْيَنُ.

5..... اهو ڪلمو ”واو“ ۽ ”يا“ وارو ”اَفْعَلُ“ جي وزن تي نه هجي، جيڪڏهن نه هوندو ته قانون جو حڪم جاري نه ٿيندو. جيئن: اَيْوَمُ

6..... ”واو“ ۽ ”يا“ جي ماقبل ۾ حرف صحيح هجي، جيڪڏهن نه هوندو ته قانون جو حڪم جاري نه ٿيندو. جيئن: قَاوَلَ ۽ بَايَعَ.

7..... ”واو“ ۽ ”يا“ مظهر هجي، جيڪڏهن نه هوندا ته قانون جو حڪم جاري نه ٿيندو. جيئن: قَوَّلَ ۽ بَيَّعَ.

8..... ”واو“ ۽ ”يا“ ملحق جي ”عين“ ڪلمي ۾ نه هجن، اگر هوندا ته قانون جو حڪم

جا ري نہ ٿيندو. جيئن: اِجۡوَنَّدَدَ.

9..... "واو" ۽ "يا" وارو ڪلمو "رنگ" جي معنيٰ ۾ نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جا ري نہ ٿيندو. جيئن: اَسۡوَدَ ۽ اَبۡيَضَ

10..... شرط. "واو" ۽ "يا" وارو ڪلمو "عيب" جي معنيٰ ۾ نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جا ري نہ ٿيندو. جيئن: اِعۡوَرَّ ۽ اِعۡيَنَّ.

11..... اسم آلہ ۾ نہ هجي، اگر هوندا تہ قانون جو حڪم جا ري نہ ٿيندو. جيئن: مِقۡوَلٌ ۽ مِبۡيَعٌ.

12..... انهن جي ماقبل ۾ حرف صحيح ساڪن هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جا ري نہ ٿيندو. جيئن: قَوَلَ ۽ بَيَعَ.

جتي اهي سيئي شرط لڀندا تہ اتي قانون جو حڪم جا ري ڪبو. جيئن: يُقۡوَلُ. "واو" مفتوح ماقبل ۾ حرف صحيح ساڪن "فتح" کي نقل ڪري ماقبل کي ڏيئي "واو" کي "الف" ساڻ بدلائي يُقَالُ ڪري پڙهبو.

تعليل: قَآئِلٌ ۽ بَآئِعٌ اصل ۾ قَاوِلٌ ۽ بَايِعٌ هيا. "واو" ۽ "يا" واقع ٿيا "الف فاعل" کانپوءِ جو اصل ۾ سلامت نہ هيا. انهن کي همزه ساڻ بدلائي قَآئِلٌ ۽ بَآئِعٌ ڪري پڙهبو.

قانون "قَآئِلٌ ۽ بَآئِعٌ" جو

هن جو حڪم آهي تہ "واو" ۽ "يا" کي همزه ساڻ بدلائڻ واجب.

هن جي لاءِ چار شرط آهن ناقص:

1..... "واو" ۽ "يا" الف کانپوءِ هجن، جيڪڏهن نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جا ري نہ ٿيندو. جيئن: قَوَلَ ۽ بَيَعَ.

2..... الف فاعل کانپوءِ هجن، جيڪڏهن نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جا ري نہ ٿيندو. جيئن: رَايٌ.

3..... اصل ۾ سلامت نہ هجن يا اصل انهن جو هجي ئي نہ، اگر هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: عَاوِرٌ ۽ عَايِنٌ.

4..... "واو" ۽ "يا" الف فاعل سان متصل هجن، جيڪڏهن نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: دَاعِوٌ ۽ رَامِيٌ.

جتي اهي سڀئي شرط لبندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ٿيندو. جيئن: قَاوِلٌ، بَايِعٌ، غَاوِطٌ ۽ سَايِفٌ. "واو" ۽ "يا"کي همزه سان بدلائي قَآئِلٌ، بَآئِعٌ، غَآئِطٌ ۽ سَآئِفٌ ڪري پڙهبو.

تعليل: قِيَالٌ اصل ۾ قِوَالٌ هيو. "واو" واقع ٿيو "عين" ڪلمي جي جمع ۾، جيڪو واحد ۾ سلامت نہ هيو ۽ ماقبل انجو مڪسور هيو ان "واو"کي "يا" سان بدلائي قِيَالٌ ڪري پڙهبو.

قانون "قِيَامٌ، صِيَامٌ، حِيَاضٌ ۽ رِيَاضٌ" جو

هن جو حڪم آهي تہ "واو"کي "يا" سان بدلائڻ واجب.

هن جي لاءِ ٽن نمونن جا شرط آهن ناقص:

پهرين نموني جي لاءِ چار شرط آهن ناقص:

1..... "واو" عين ڪلمي جي مقابلي ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: دَعَوَ.

2..... عين ڪلمي مصدر جي ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قَاوِلٌ

3..... فعل ۾ سلامت نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قَاوَمَ، قِوَامٌ، صَاوَمَ ۽ صِوَامٌ.

4..... ماقبل انجو مڪسور هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قَوْلاً.

جتي اهي سيئي شرط لبندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن قَامَ، قِوَامٌ، صَامَ ۽ صِوَامٌ. "واو" کي "يا" سان بدلائي قِيَامٌ ۽ صِيَامٌ ڪري پڙهبو.

ٻئي نموني جي لاءِ چار شرط آهن:

1..... "واو" عين ڪلمي ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: دَعَوَ

2..... جمع ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قَاوِلٌ

3..... واحد ۾ سلامت نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: عِوَارٌ ۽ عَاوِرٌ (واحد)

4..... ماقبل انجو مڪسور هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قَوَلَةٌ.

جتي اهي سيئي شرط لبندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ٿيندو. جيئن: قِوَالٌ، "واو" کي "يا" سان بدلائي قِيَالٌ ڪري پڙهبو.

ٽئين نموني جي لاءِ پنج شرط آهن ناقص:

1..... "واو" عين ڪلمي ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: دَعَوَ.

2..... جمع ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قَاوِلٌ.

3..... واحد ۾ ساڪن ۽ جمع ۾ "الف" کان اڳ ۾ هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قُوْدٌ، قِوْدَةٌ، عُوْدٌ ۽ عِوْدَةٌ.

4..... ماقبل انجو مڪسور هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: فُوْهٌ ۽ اَفْوَاهٌ.

5..... انجي "لامر" ڪلمي ۾ تعليل ٿيل نہ هجي، جيڪڏهن هوندي تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: رَوْيَانٌ ۽ رِوَايٌ.

جتي اهي سڀئي شرط لڀندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: حَوْضٌ، حِوَاضٌ، رَوْضٌ، رِوَاضٌ. "واو" کي "يا" سان بدلائي حِيَاضٌ ۽ رِيَاضٌ ڪري پڙهبو.

تعليل:

قُوَيِّلٌ ۽ قُوَيِّلَةٌ اصل ۾ قُوَيْوِلٌ ۽ قُوَيْوِلَةٌ هيا. "واو" ۽ "يا" هڪ ڪلمي ۾ گڏ آيا، انهن ۾ مان پهريون ساڪن، ڪنهن ڪان بدليل نہ هيو، ان "واو" کي "يا" ڪري "يا" کي "يا" ۾ ادغام ڪري قُوَيِّلٌ ۽ قُوَيِّلَةٌ ڪري پڙهبو.

قانون "قُوَيِّلٌ ۽ قُوَيِّلَةٌ" جو

هن جي لاءِ ٻہ حڪم آهن:

حڪم(1): "واو" کي "يا" ڪري "يا" کي "يا" ۾ ادغام ڪرڻ واجب.

حڪم(2): "واو" کي "يا" ڪرڻ جائز ۽ "يا" کي "يا" ۾ ادغام ڪرڻ واجب.

پهرين حڪم جي لاءِ ست شرط آهن ناقص:

1..... "واو" ۽ "يا" گڏ هجن، جيڪڏهن نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: وَشْيٌ

2..... حقيقي يا حڪمي هڪ ڪلمي ۾ هجن، جيڪڏهن نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: فِي وَيْلٍ.

فائدو: حقيقي هڪ ڪلمو انکي چئبو آهي جو حقيقت ۾ ٻہ ڪلما هجن ۽ اهي پاڻ ۾ اهڙا مليل هجن جو هڪ ڪلمون معلوم ٿئي، جيئن "ضَرَبْنَ"، ان ۾ "ضَرَبَ" فعل آهي ۽ "نَ" ضمير فاعل جو آهي.

3..... اهڙي اسم ۾ نہ هجي جو أَفْعَلُ جي وزن تي هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: أَيْوَمُ.

4..... ساڪن هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو.

جيئن: قُوَيْلِيٌ

5..... سڪون لازم هجي، جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قُوْيَ جو اصل ۾ قَوِيَ هيو.

6..... ڪنهن ڪان بدليل نہ هجي، جيڪڏهن هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: بُوْيِعَ

7..... ٽن شرطن وارو "واو" نہ هجي، جيڪڏهن هوندي تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: مِقْوَلَةٌ مان مُقَيْوِلَةٌ.

جتي اهي سيئي شرط لڀندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: قُوَيْوِلٌ ۽ قُوَيْوِلَةٌ ، "واو"کي "يا" ڪري "يا"کي "يا" ۾ ادغام ڪري قُوَيِّلٌ ۽قُوَيِّلَةٌ ڪري پڙهبو.

ٻئين حڪم جي لاءِ ست شرط آهن ناقص:

ڇهہ شرط ساڳيا آهن پهرين حڪم وارا ۽ ستون شرط تہ ٽن شرطن وارو "واو" هجي، جيڪڏهن نہ هوندي تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قُوَيْوِلٌ ۽ قُوَيْوِلَةٌ

جتي اهي سيئي شرط لڀندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: مُقَيْوِلٌ ۽ مُقَيْوِلَةٌ.

"واو"کي "يا" ڪري "يا"کي "يا" ۾ ادغام ڪري مُقَيِّلٌ ۽ مُقَيِّلَةٌ ڪري پڙهبو.

سوال: ٽن شرطن وارو "واو" ڇاکي چئجي؟

جواب: ٽن شرطن وارو "واو" انکي چئجي، جنهن ۾ 3 شرط لڀن. اهي 3 شرط هي آهن:

1. "عين" ڪلمي ۾ هجي.
2. "يا" تصغير کان پوءِ هجي.
3. مڪبر ۾ متحرڪ هجي.

حڪم 3: "يا" مدغم فيه کي حذف ڪرڻ واجب.

هن جي لاءِ اڻ شرط آهن ناقص:

ست شرط آهن ساڳيا، ٻئي حڪم وارا ۽ انون شرط ته انجي مصدر فَيْعَلُوْلَةٌ جي وزن تي هجي. جيئن: کَيْوَنُوْنَةٌ ۽ حَيْوَنُوْنَةٌ

"واو" کي "يا" ڪري "يا" کي "يا" ۾ اد غام ڪري کَيَّنُوْنَةٌ ۽ حَيَّنُوْنَةٌ ٿي پوندو، "يا" مد غم فيه کي حذف ڪري کَيْنُوْنَةٌ ۽ حَيْنُوْنَةٌ ڪري پڙهڻ واجب آهي.

حڪم 4: "يا" مد غم فيه کي حذف ڪرڻ جائز.

هن جي لاءِ اڻ شرط آهن ناقص:

ست شرط آهن ساڳيا ٻئي حڪم وارا، ۽ انون شرط ته اهو ڪلمو فَيْعِلٌ جي وزن تي هجي. جيئن: سَيْوِدٌ ۽ مَيْوِةٌ.

"واو" کي "يا" ڪري "يا" کي "يا" ۾ ادغام ڪري سَيِّدٌ ۽ مَيِّةٌ ڪري پڙهبو ۽ "يا" مد غم فيه کي حذف ڪري سَيْدٌ ۽ مَيْةٌ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

مگر سَيِّدٌ ۽ مَيِّةٌ ڪري پڙهڻ "اَوْلي" آهي. ڇا ڪاڻ ته ڪَثِيْرُ الْاِسْتِعْمَال آهي.

حڪم 5: "يا" مدغم فيه کي حذف ڪرڻ واجب.

هن جي لاءِ اڻ شرط آهن ناقص:

ست شرط آهن ساڳيا، ٻئي حڪم وارا، ۽ انون شرط ته باب تَفْعِيْلٌ جي مصدر ۾ هجي. جيئن: تَسْمِيْوٌ ۽ تَنْجِيْوٌ.

"واو" کي "يا" ڪري "يا" کي "يا" ۾ ادغام ڪبو ته تَسْمِيٌّ ۽ تَنْجِيٌّ ٿي پوندو. "يا" مدغم فيه کي حذف ڪري "تا" متحرڪ "فتح" ماقبل سان اِقَامَةٌ جي قانون سان انجي آخر ۾ آٿي اِعْرَاب کي "تا" تي جاري ڪبو ڇاڪاڻ ته آخري ڪلمو آهي. تانجو تَسْمِيَةٌ ۽ تَنْجِيَةٌ ڪري پڙهڻ واجب آهي.

حڪم 6: ”يا“ جي ماقبل کي ثابت رکڻ واجب.

هن جي لاءِ اٺ شرط آهن ناقص:

ست شرط آهن ساڳيا، ٻئي حڪم وارا، ۽ اٺون شرط ته ”يا“ مُشَدَّد هجي ۽ انجو ماقبل مفتوح هجي. جيئن: قُوَيِّلٌ ۽ قُوَيِّلَةٌ.

حڪم 7: ”يا“ جي ماقبل واري ضمّہ کي ڪسري سان مٽائڻ واجب.

هن جي لاءِ نو شرط آهن ناقص:

ست شرط آهن ساڳيا، ٻئي حڪم وارا، ۽ اٺون شرط ته ”يا“ جو ماقبل مضموم هجي.

نائون شرط: اَفْعَلُ فَعْلَآءُ صِفَتي جي جمع ۾ نہ هجي. جيئن: مُسْلِمُيَّ ”يا“ جي ماقبل واري ضمّہ کي ڪسري سان مٽائي مُسْلِمِيَّ ڪري پڙهڻ واجب آهي.

حڪم 8: ”يا“جي ماقبل واري ضمّہ کي ثابت رکڻ واجب.

هن جي لاءِ نو شرط آهن ناقص:

8 شرط آهن ساڳيا ستين حڪم وارا، ۽ نائون شرط ته اَفْعَلُ فَعْلَآءُ صِفَتي جي جمع ۾ هجي. جيئن: اَلْوَآءُ، لَوْيَآءُ ۽ لُيٌّ ڪري پڙهنداسين يعني انکي ثابت رکي پڙهنداسين.

تعليل: مَقُوْلٌ اصل ۾ مَقْوُوْلٌ هيو. ضمّہ ”واو“ تي ڳورو ٿيو، نقل ڪري ماقبل کي ڏنائون ته مَقُوْوْلٌ ٿيو. اِلْتِقَآءِ سَاكِنَيْن ٿي پئي ”واوَن“ جي وچ ۾، هاڻي بعض صرفي چون ٿا ته پهرين کي حذف ڪجي ڇاڪاڻ ته بيو ضمير فاعل جو آهي، ته وزن ٿي پوندو مَفُعْوْلٌ. بعض صرفي چون ٿا ته ٻوئين کي حذف ڪجي ڇاڪاڻ ته پهريون اصل ۽ بيو زائدو آهي ۽ زائدو وڌيڪ حقدار آهي حذف ڪرڻ جو، ته وزن ٿي پوندو مَفُعُلٌ.

تعليل: قُوْلَنَّ اصل ۾ قُلْ هيو. جڏهن ”نون“ تاڪيد ثقيلہ انهيءَ سان مليو، ته ”نون“ تاڪيد ثقيلہ جو ماقبل مفتوح هوندو آهي ته اِلْتِقَآءِ سَاكِنَيْن جو سبب رهيوئي ڪو نہ،

تہ "واو" حذف ٿيل واپس موٽي ايندي، تا قُل مان قُوْلَنَّ ٿي پوندو.

قانون ''قُوْلَنَّ'' جو

هن جو حڪم آهي تہ حرف علت کي موٽائي آڻڻ واجب.

هن جي لاءِ چار شرط آهن ناقص:

1..... اِلْتِقَآءِ سَاکِنَیْن عليٰ غير حدهٖ غير وقفي جي ڪري ڪري. ۽ جيڪڏهن نہ ڪرندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: عِدَةٌ

2..... ثاني ساڪن متحرڪ ٿئي ۽ جيڪڏهن نہ ٿيندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قُلْ، خَفْ ۽ بِعْ.

3....."نون" تاڪيد ثقيلہ يا خفيفہ يا ضمير فاعل جي ڪري متحرڪ ٿئي اگر نہ ٿيندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ڪبو. جيئن: قُلِ الْحَقَّ.

4..... "نون" تاڪيد ثقيلہ ۽ خفيفہ ان سان گڏ متّصل هجن اگر نہ هوندا تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: دَعَتَا.

جتي اهي سيئي شرط لبندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: قُلْ "نون" تاڪيد ثقيلہ انهيءَ سان گڏ مليو تہ "نون" تاڪيد ثقيلہ جو ماقبل مفتوح هوندو آهي تہ اِلْتِقَآءِ سَاکِنَیْن جو سبب رهيوئي ڪونہ تہ "واو" حذف ٿيل واپس موٽائي آڻي قُوْلَنَّ ڪري پڙهبو.

تعليل: قُيَّلٌ اصل ۾ قُوَّلٌ هيو. "واو" واقع ٿيو، جمع جي "عين" ڪلمي جي مقابلي ۾ "واو" کي "يا" سان بدلائي قُيَّلٌ ڪري پڙهبو.

قانون ''قُيَّلٌ'' جو

هن جو حڪم آهي تہ "واو" کي "يا" سان بدلائڻ جائز.

هن جي لاءِ چار شرط آهن ناقص:

1..... "واو"، "عين" ڪلمي جي مقابليءِ هجي. ۽ جيڪڏهن نہ هوندي تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: وَعَدَ.

2..... جمع ۾ هجي ۽ جيڪڏهن نہ هوندي تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قَاوِلٌ.

3..... اجوف ۾ هجي ۽ جيڪڏهن نہ هوندي تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: دَعَوَ.

4..... فُعَّلٌ جي وزن تي هجي ۽ جيڪڏهن نہ هوندو تہ قانون جو حڪم جاري نہ ٿيندو. جيئن: قُوَّالٌ.

جتي اهي سيئي شرط لڀندا تہ اتي قانون جو حڪم جاري ڪبو. جيئن: قُوَّلٌ. "واو" کي "يا" سان مٽائي قُيَّلٌ ڪري پڙهڻ جائز آهي.

فائدو: هي قانون "اِرشاد الصَّرف" واري نہ لکيو آهي ۽ ٻن ڪتابن ۾ بہ وجوبي لکيل آهي حالانڪہ هي قانون جوازي آهي.

ابواب ثلاثي مجرد اجوف واوي

ثلاثي مجرد اجوف واوي	باب فَعَلَ يَفْعِلُ	باب فَعَلَ يَفْعُلُ	باب فَعِلَ يَفْعَلُ	باب فَعُلَ يَفْعُلُ
ماضي معلوم	طَاحَ	قَالَ	خَافَ	طَالَ
مضارع معلوم	يَطِيْحُ	يَقُوْلُ	يَخَافُ	يَطُوْلُ
مصدر	طَوْحًا	قَوْلاً	خَوْفًا	طُوْلًا
اسم فاعل	طَايِحٌ	قَائِلٌ	خَائِفٌ	طَاوِلٌ
ماضي مجهول	طِيْحَ	قِيْلَ	خِيْفَ	....
مضارع مجهول	يُطَاحُ	يُقَالُ	يُخَافُ	....
مصدر	طَوْحًا	قَوْلاً	خَوْفًا	....
اسم مفعول	مَطُوْحٌ	مَقُوْلٌ	مَخُوْفٌ	....
جحد معلوم	لَمْ يَطِحْ	لَمْ يَقُلْ	لَمْ يَخَفْ	لَمْ يَطُلْ
جحد مجهول	لَمْ يُطَحْ	لَمْ يُقَلْ	لَمْ يُخَفْ	....
نفي معلوم	لَا يَطِيْحُ	لَايَقُوْلُ	لَايَخَافُ	لَا يَطُوْلُ
نفي مجهول	لَا يُطَاحُ	لَايُقَالُ	لَايُخَافُ	....
نفي معلوم بلن ناصبه	لَنْ يَّطِيْحَ	لَنْ يَّقُوْلَ	لَنْ يَّخَافَ	لَنْ يَّطُوْلَ
نفي مجهول بلن ناصبه	لَنْ يُّطَاحَ	لَنْ يُّقَالَ	لَنْ يُّخَافَ	....
امر حاضر معلوم	طِحْ	قُلْ	خَفْ	طُلْ
امر حاضر مجهول	لِتُطَحْ	لِتُقَلْ	لِتُخَفْ	....
امر غائب معلوم	لِيَطِحْ	لِيَقُلْ	لِيَخَفْ	لِتُطَلْ
امر غائب مجهول	لِيُطَحْ	لِيُقَلْ	لِيُخَفْ	....

نهي حاضر معلوم	لَا تَطِحْ	لَاتَقُلْ	لَاتَخَفْ	لَا تَطُلْ
نهي حاضر مجهول	لَا تُطَحْ	لَاتُقَلْ	لَاتُخَفْ	....
نهي غائب معلوم	لَا يَطِحْ	لَايَقُلْ	لَايَخَفْ	لَا يَطُلْ
نهي غائب مجهول	لَا يُطَحْ	لَايُقَلْ	لَايُخَفْ	....
اسم ظرف	مَطِيْحٌ	مَقَالٌ	مَخَافٌ	مَطَالٌ
اسم آله صغري	مِطْيَحٌ	مِقْوَلٌ	مِخْوَفٌ	....
اسم آله وسطي	مِطْيَحَةٌ	مِقْوَلَةٌ	مِخْوَفَةٌ	مِطْوَلَةٌ
اسم آله كبري	مِطْيَاحٌ	مِقْوَالٌ	مِخْوَافٌ	....
اسم التَّفضِيل المذكر	اَطْيَحُ	اَقْوَلُ	اَخْوَفُ	اَطْوَلُ
اسم التَّفضِيل مؤنث	طُوْحٰى	قُوْلٰى	خُوْفٰي	طُوْلٰى
فعل تَعَجُّب	طَوُحَ	قَوُلَ	خَوُفَ	طَوُلَ

صرف کبیر ثلاثی مجرد اجوف واوی از باب فَعَلَ يَفْعُلُ

صیغو		فعل امر	مضارع		ماضي	
			مجهول	معلوم	مجهول	معلوم
مذکّر غائب	واحد		يُقَالُ	يَقُولُ	قِيلَ	قَالَ
	تثنيه		يُقَالَانِ	يَقُولَانِ	قِيلَا	قَالَآ
	جمع		يُقَالُوْنَ	يَقُولُوْنَ	قِيلُوْا	قَالُوا
مؤنّث غائب	واحد		تُقَالُ	تَقُولُ	قِيلَتْ	قَالَتْ
	تثنيه		تُقَالَانِ	تَقُولَانِ	قِيلَتَا	قَالَتَا
	جمع		يُقَلْنَ	يَقُلْنَ	قُلْنَ	قُلْنَ
مذکّر مخاطب	واحد	قُلْ	تُقَالُ	تَقُولُ	قُلْتَ	قُلْتَ
	تثنيه	قُولَا	تُقَالَانِ	تَقُولَانِ	قُلْتُمَا	قُلْتُمَا
	جمع	قُولُوْا	تُقَالُوْنَ	تَقُولُوْنَ	قُلْتُمْ	قُلْتُمْ
مؤنّث مخاطب	واحد	قُولِي	تُقَالِيْنَ	تَقُولِيْنَ	قُلْتِ	قُلْتِ
	تثنيه	قُولَا	تُقَالَانِ	تَقُولَانِ	قُلْتُمَا	قُلْتُمَا
	جمع	قُلْنَ	تُقَلْنَ	تَقُلْنَ	قُلْتُنَّ	قُلْتُنَّ
متکلّم مشترک	واحد		أُقَالُ	أَقُوْلُ	قُلْتُ	قُلْتُ
	تثنيه و جمع		نُقَالُ	نَقُوْلُ	قُلْنَا	قُلْنَا

صرف كبير ثلاثی مجرد اجوف واوی از باب فَعَلَ يَفْعِلُ

ماضي معلوم	ماضي مجهول	مضارع معلوم	مضارع مجهول	فعل امر	صيغو	
طَاحَ	طِيْحَ	يَطِيْحُ	يُطَاحُ		واحد	مُذَكَّر غائب
طَاحَا	طِيْحَا	يَطِيْحَانِ	يُطَاحَانِ		تثنيه	مُذَكَّر غائب
طَاحُوْا	طِيْحُوْا	يَطِيْحُوْنَ	يُطَاحُوْنَ		جمع	مُذَكَّر غائب
طَاحَتْ	طِيْحَتْ	تَطِيْحُ	تُطَاحُ		واحد	مُؤَنَّث غائب
طَاحَتَا	طِيْحَتَا	تَطِيْحَانِ	تُطَاحَانِ		تثنيه	مُؤَنَّث غائب
طِحْنَ	طِحْنَ	يَطِحْنَ	يُطَحْنَ		جمع	مُؤَنَّث غائب
طِحْتَ	طِحْتَ	تَطِيْحُ	تُطَاحُ	طِحْ	واحد	مُذَكَّر مُخاطب
طِحْتُمَا	طِحْتُمَا	تَطِيْحَانِ	تُطَاحَانِ	طِيْحَا	تثنيه	مُذَكَّر مُخاطب
طِحْتُمْ	طِحْتُمْ	تَطِيْحُوْنَ	تُطَاحُوْنَ	طِيحُوْا	جمع	مُذَكَّر مُخاطب
طِحْتِ	طِحْتِ	تَطِيحِيْنَ	تُطَاحِيْنَ	طِيحِي	واحد	مُؤَنَّث مُخاطب
طِحْتُمَا	طِحْتُمَا	تَطِيْحَانِ	تُطَاحَانِ	طِيحَا	تثنيه	مُؤَنَّث مُخاطب
طِحْتُنَّ	طِحْتُنَّ	تَطِحْنَ	تُطَحْنَ	طِحْنَ	جمع	مُؤَنَّث مُخاطب
طِحْتُ	طِحْتُ	أَطِيْحُ	أُطَاحُ		واحد	مُتَكَلِّم مُشتَرَك
طِحْنَا	طِحْنَا	نَطِيْحُ	نُطَاحُ		تثنيه و جمع	مُتَكَلِّم مُشتَرَك

صرف كبير ثلاثى مجرد اجوف واوى از باب فَعِلَ يَفْعَلُ

ماضي معلوم	ماضي مجهول	مضارع معلوم	مضارع مجهول	فعل امر	صيغو	صيغو
خَافَ	خِيْفَ	يَخَافُ	يُخَافُ		واحد	مُذَكَّر غائب
خَافَا	خِيْفَا	يَخَافَانِ	يُخَافَانِ		تثنيه	مُذَكَّر غائب
خَافُوْا	خِيْفُوْا	يَخَافُوْنَ	يُخَافُوْنَ		جمع	مُذَكَّر غائب
خَافَتْ	خِيْفَتْ	تَخَافُ	تُخَافُ		واحد	مُؤَنَّث غائب
خَافَتَا	خِيْفَتَا	تَخَافَانِ	تُخَافَانِ		تثنيه	مُؤَنَّث غائب
خِفْنَ	خِفْنَ	يَخَفْنَ	يُخَفْنَ		جمع	مُؤَنَّث غائب
خِفْتَ	خِفْتَ	تَخَافُ	تُخَافُ	خَفْ	واحد	مُذَكَّر مُخاطب
خِفْتُمَا	خِفْتُمَا	تَخَافَانِ	تُخَافَانِ	خَافَا	تثنيه	مُذَكَّر مُخاطب
خِفْتُمْ	خِفْتُمْ	تَخَافُوْنَ	تُخَافُوْنَ	خَافُوْا	جمع	مُذَكَّر مُخاطب
خِفْتِ	خِفْتِ	تَخَافِيْنَ	تُخَافِيْنَ	خَافِيْ	واحد	مُؤَنَّث مُخاطب
خِفْتُمَا	خِفْتُمَا	تَخَافَانِ	تُخَافَانِ	خَافَا	تثنيه	مُؤَنَّث مُخاطب
خِفْتُنَّ	خِفْتُنَّ	تَخَفْنَ	تُخَفْنَ	خَفْنَ	جمع	مُؤَنَّث مُخاطب
خِفْتُ	خِفْتُ	أَخَافُ	أُخَافُ		واحد	مُتَكَلِّم مُشْتَرَك
خِفْنَا	خِفْنَا	نَخَافُ	نُخَافُ		تثنيه و جمع	مُتَكَلِّم مُشْتَرَك

صرف کبیر ثلاثی مجرد اجوف واوی از باب فَعُلَ يَفْعُلُ

ماضي معلوم	ماضي مجهول	مضارع معلوم	مضارع مجهول	فعل امر	صيغو	
طَالَ	طِيْلَ	يَطُوْلُ	يُطَالُ		واحد	مذكّر غائب
طَالَا	طِيْلَا	يَطُوْلَانِ	يُطَالَانِ		تثنيه	
طَالُوْا	طِيْلُوْا	يَطُوْلُوْنَ	يُطَالُوْنَ		جمع	
طَالَتْ	طِيْلَتْ	تَطُوْلُ	تُطَالُ		واحد	مؤنّث غائب
طَالَتَا	طِيْلَتَا	تَطُوْلَانِ	تُطَالَانِ		تثنيه	
طُلْنَ	طُلْنَ	يَطُلْنَ	يُطَلْنَ		جمع	
طُلْتَ	طُلْتَ	تَطُوْلُ	تُطَالُ	طُلْ	واحد	مذكّر مخاطب
طُلْتُمَا	طُلْتُمَا	تَطُوْلَانِ	تُطَالَانِ	طُوْلَا	تثنيه	
طُلْتُمْ	طُلْتُمْ	تَطُوْلُوْنَ	تُطَالُوْنَ	طُوْلُوْا	جمع	
طُلْتِ	طُلْتِ	تَطُوْلِيْنَ	تُطَالِيْنَ	طُوْلِي	واحد	مؤنّث مخاطب
طُلْتُمَا	طُلْتُمَا	تَطُوْلَانِ	تُطَالَانِ	طُوْلَا	تثنيه	
طُلْتُنَّ	طُلْتُنَّ	تَطُلْنَ	تُطَلْنَ	طُلْنَ	جمع	
طُلْتُ	طُلْتُ	أَطُوْلُ	أُطَالُ		واحد	متكلّم مشترك
طُلْنَا	طُلْنَا	نَطُوْلُ	نُطَالُ		تثنيه و جمع	

ابواب ثلاثي مجرد اجوف يائي

ثلاثي مجرد اجوف يائي	باب فَعَلَ يَفْعِلُ	باب فَعَلَ يَفْعُلُ	باب فَعِلَ يَفْعَلُ
ماضي معلوم	بَاعَ	غَاطَ	نَالَ
مضارع معلوم	يَبِيْعُ	يَغُوْطُ	يَنَالُ
مصدر	بَيْعًا	غَيْطًا	نَيْلاً
اسم فاعل	بَائِعٌ	غَائِطٌ	نَائِلٌ
ماضي مجهول	بِيْعَ	غِيْطَ	نِيْلَ
مضارع مجهول	يُبَاعُ	يُغَاطُ	يُنَالُ
مصدر	بَيْعًا	غَيْطًا	نَيْلاً
اسم مفعول	مَبِيْعٌ	مَغِيْطٌ	مَنِيْلٌ
جحد معلوم	لَمْ يَبِعْ	لَمْ يَغُطْ	لَمْ يَنَلْ
جحد مجهول	لَمْ يُبَعْ	لَمْ يُغَطْ	لَمْ يُنَلْ
نفي معلوم	لَايَبِيْعُ	لَا يَغُوْطُ	لَايَنَالُ
نفي مجهول	لَايُبَاعُ	لَا يُغَاطُ	لَايُنَالُ
نفي معلوم بلن ناصبه	لَنْ يَّبِيْعَ	لَنْ يَّغُوْطَ	لَنْ يَّنَالَ
نفي مجهول بلن ناصبه	لَنْ يُّبَاعَ	لَنْ يُّغَاطَ	لَنْ يُّنَالَ
امر حاضر معلوم	بِعْ	غُطْ	نَلْ
امر حاضر مجهول	لِتُبَعْ	لِتُغَطْ	لِتُنَلْ
امر غائب معلوم	لِيَبِعْ	لِيَغُطْ	لِيَنَلْ
امر غائب مجهول	لِيُبَعْ	لِيُغَطْ	لِيُنَلْ
نهي حاضر معلوم	لَاتَبِعْ	لَا تَغُطْ	لَاتَنَلْ

نہی حاضر مجہول	لَاتُبَعْ	لَاتُغَظْ	لاتُنَلْ
نہی غائب معلوم	لَایَبِعْ	لَایُغُظْ	لایَنَلْ
نہی غائب مجہول	لَایُبَعْ	لَایُغَظْ	لایُنَلْ
اسم ظرف	مَبِیْعٌ	مَغُوْطٌ	مَنَالٌ
اسم آلہ صغریٰ	مِبْیَعٌ	مِغْیَطٌ	مِنْیَلٌ
اسم آلہ وسطیٰ	مِبْیَعَةٌ	مِغْیَطَةٌ	مِنْیَلَةٌ
اسم آلہ کبریٰ	مِبْیَاعٌ	مِغْیَاطٌ	مِنْیَالٌ
اسم التَّفضِیل المذکر	اَبْیَعُ	اَغْیَطُ	اَنْیَلُ
اسم التَّفضِیل مؤنث	بُوْعٰی	غُوْطٰی	نُوْلٰی
فعل تعَجُّب	بَیُعَ	غَیُطَ	نَیُلَ

صرف کبیر ثلاثی مجرد اجوف یائی از باب فَعَلَ يَفْعِلُ

ماضي معلوم	ماضي مجهول	مضارع معلوم	مضارع مجهول	فعل امر	صيغو	
بَاعَ	بِيْعَ	يَبِيْعُ	يُبَاعُ		واحد	مُذَكَّر غائب
بَاعَا	بِيْعَا	يَبِيْعَانِ	يُبَاعَانِ		تثنيه	مُذَكَّر غائب
بَاعُوْا	بِيْعُوْا	يَبِيْعُوْنَ	يُبَاعُوْنَ		جمع	مُذَكَّر غائب
بَاعَتْ	بِيْعَتْ	تَبِيْعُ	تُبَاعُ		واحد	مُؤَنَّث غائب
